# ٧. منهنجو وطن

**پڙهو. ڳايو.**

هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.
مصريءَ کان مٿيرو، ماکيءَ کان مٺيرو،
قربان تنهن وطن تان ڪريان پنهنجو تن بدن
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

پنهنجي وطن جي آءٌ جي حالت ڪريان بيان،
سڏڪي پوي زمين هنجون هاري آسمان،
دکڙا وطن جا ساريندي، منهنجو ڇلي ٿو من،
هي منهنجو وطن، هي منهنجو وطن، منهنجو وطن.

منڙي وطن کان آءٌ رکي ڪي بہ نہ واريان
جيڪي هجيم ڏيئي وري ڪين پڇاريان.
دل ۾ هميشه شال رهي، ديش جي لڳن.
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

جي چاه اٿم ڪا تہ وطن شاد ڏسان مان،
آزاد ڏسان مان، وري آباد ڏسان مان،
متي اُنهيءَ ۾ آهه، دکايل جي دل مڳن،
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

**نوان لفظ:**

هنجون هارڻ = زور سان روئڻ، سڏڪي پوڻ = روئي پوڻ

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) دڪاڻدار جي دل ڪهڙي ڳالهه ۾ مگن آهي؟

٢) ”منهنجو وطن“ ۾ شاعر ڪهڙي دلي چاهنا ڏيکاري آهي؟

٣) دڪاڻدار پنهنجي وطن لاءِ ڪهڙي قرباني تو ڏيڻ چاهي؟

**سوال٢: هيٺين سوالن جا تفصيلي جواب لکو.**

١) منهنجو وطن ڪوتا، اجوڪي دور ۾ ڪهڙي اهميت رکي ٿي؟

٢) شاعر جو من ڇو ٿو ڇُلي؟

**سوال٣: خال پُريو :-**

١) دل ۾ هميشه شاد رهي .................. جي لڳن.

٢) .................. پوي زمين، منجون هاري آسمان

**سوال٤: هيٺ ڏنل بيت جي سٽن جي سمجهاڻي لکو:**

منڙي وطن ڪاڻ آءُ رکي .......................................................... منهنجو وطن، منهنجو وطن.

## پورڪ اَڀياس

**شعر بند تي عملي ڪم:**

(١) پنهنجي وطن جي آءُ .............. ديش جي لڳن.

**(i) هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون ڳولهي لکو:-**

١) ڌرتي روئي پوي.

٢) وطن جون تڪليفون پڌايان.

**(ii) بيت جي سٽن تي آڌار رکندڙ صحيح جملي لاءِ ✓ ۽ غلط جملي لاءِ ✗ لکو:**


١) آسمان زار زار روئي ٿو. (　　)

٢) ديش ۾ ڏکه درد آهن. (　　)

٣) ديش ڪافي ترقي ڪئي آهي. (　　)

٤) هميشه مان ديش بابت ٿي سوچيان. (　　)

**(iii) خاڪو پورو ڪريو.**




LX39Q4

(٢) ڏنگين مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو:-

(اُٽڪيهه، ست، پارت، مالها، ايڪتا، اَنيڪتا، گلن، ناز، لوڪشاهي)

منهنجو نالو .................... آهي. منهنجي ديش جو نالو ................ آهي. مونکي پنهنجي ديش تي ............. آهي. جدا جدا ڌرم، جدا جدا جاتيون، هت هڪ ................ ۽ ............ وانگر پرويل آهن. دنيا جي وڏي ۾ وڏي ............ اَسان جو پارت ديش آهي. ڪل ........... راڄيہ ۽ ................ مرڪزي ايراضيون پارت جي ............. ۾ ............. درشائن ٿيون.

(٣) ڏنل مٿيون ٽڪر خال پري، سڄو وري لکي اُن تي ڇهہ سوال ٺاهيو.

(٤) هيٺين سنڌي سورويرن بابت نيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪريو ۽ ڪلاس ۾ ٻڌايو.


برگيڊيئر شري رام هيرا


اَڊمرل آر. ايڇ. ٺهلياڻي


شري پريم رامچنداڻي

(٥) هيٺين ڏڻن بابت چرچا ڪريو. ٻڌايو ۽ ڄاڻ لکو.


هولي


رکشا ٻنڌن


پونگل


گڻيش اُتسو

# وياڪرڻ

## حرف جُملو

**هيٺيان جُملا پڙهو.**

۱) اَسين مهابليشور ۽ لوناولا گُهمڻ وياسين.
۲) ڊاڪٽر دوا ڏني **پر** فائدو نہ ٿيو.
۳) منوج کي امتحان ۾ سُٺيوُن مارڪوُن نہ مليوُن **ڇو تہ** هُن اَڀياس گهٽ ڪيو.
۴) ستون رانديگر موهن **يا** سوهن ٿيندو.

مٿين جُملن ۾ '۽'، 'پر'، 'ڇو تہ' ۽ 'يا' لفظ ٻن لفظن يا ٻن جُملن کي ڳنڍين ٿا. اَهڙن ڳنڍيندڙ لفظن کي 'حرف جملو' چئجي ٿو.

اُن جا ٻيا مثال آهن: **نہ تہ، ان ڪري، تنهن ڪري، ڇاڪاڻ، جڏهن**

**هيٺين جملن مان حرف جُملو ڳولهيو:**

۱) مان ۽ مالها مندر ۾ وياسين.
۲) گوپال موتي آيو پر راڌا اُتي رهجي ويئي.
۳) سرلا پاٺ پڙهندي يا گوبند گيت ڳائيندو.
۴) برسات تيز پوڻ لڳي. اِنڪري هوءَ دير سان پهتي.
۵) تون هل نہ تہ مان هلي ويندس.

---

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

- برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظ جي معنيٰ وارو لفظ ٺاهڻ لاءِ گول ۾ مناسب اَکر وجهي لفظ ٺاهيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پ | | | | | (طاقت) |
| | ڪ | | | | (خاطري) |
| ن | | | | | (آسمان) |
| و | ق | | | | (ٺاڪو) |
| | و | د | | | (پاڻ) |
| س | آ | | | | (ساراهہ) |
| و | هہ | | | | (سنسا) |
| ح | يِ | | ت | | (عجب) |
| ت | ڪ | ل | ي | | (مصيبت) |
| ف | آ | ئہ | د | | (نفعو) |